گوشه سندھی

عبدالقادر چاچڙ •

# عجائب القرآن

قرآن مجيد آخري آسماني (الهامي) ڪتاب آهي جنهن ۾ حضرت آدم عليه السلام کان حضرت محمد رسول الله ﷺ تائين جيڪي به اهم عجيب واقعا گذريا آهن انهن جو ذڪر آيل آهي.

اهڙن واقعن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

## طوفان نوح جو واقعو

نوح عليه السلام کي آدم ثاني به چئبو آهي، ڇوته "طوفان نوح" بعد انساني نسل نئينءَ طرح سان ان مان وڌيو آهي.

حضرت نوح عليه السلام کي الله تعاليٰ ان وقت جي بني نوع انسان ڏانهن رسول ڪري موڪليو.

جڏهن انهن الله جي وحدانيت واري راهه وٺڻ کان انڪار ڪيو ته باري تعاليٰ پاڻيءَ جي طوفان سان سموري خشڪيءَ کي ٻوڙڻ جو ارادو ڪيو، ۽ حضرت نوح عليه السلام کي ٻيڙي تيار ڪرڻ جو حڪم ڪيو.

جڏهن حضرت نوح عليه السلام ٻيڙو ٺاهي تيار ڪيو ته پاڻيءَ جي طوفان اچي ڪر ڪنيو.

ايمان وارا ماڻهو اچي ٻيڙي ۾ سوار ٿيا جيڪي تقريبا چاليهه (40) مرد ۽ چاليهه (40) عورتون هئا، ۽ ٻين جاندارن جو جوڙو جوڙو به اچي ٻيڙي ۾ سوار ٿيو.

پوءِ پاڻي ويو وڌندو تان ته جبلن جي چوٽيءَ کان به مٿي چڙهي ويو ۽ ٻيڙي کان سواءِ جيڪا به مخلوق هئي سا سڀ جو سڀ ٻڏي مري وئي.

انهيءَ عجيب واقعي کي قرآن مجيد ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي.

﴿فافتح بيني وبينهم فتحا ونجني ومن معي من المومنين، فانجيناه ومن معه في الفلک المشحون، ثم اغرقنا بعد الباقين﴾ (1)

**ترجمو:** *سو هاڻي منهنجي ۽ هنن جي وچ ۾ قطعي فيصلو ڪري ڇڏ، ۽ مونکي ۽ انهن مومنن کي جيڪي مون سان گڏ آهن بچائي وٺ. سو اسان*

• اسسٽنٽ پروفيسر گورنمينٽ اسلاميه آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج سکر

# حضرت عيسيٰ عليه السلام جو پينگهي (ٻاراڻي عمر) ۾ ڳالهائڻ

الله تعاليٰ ٽن انسانن حضرت آدم عليه السلام، حضرت بي بي حوا ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي خلقت ٻئي مخلوق کان جدا انداز ۾ ڪئي.

حضرت آدم عليه السلام مٽيءَ مان، حضرت بي بي حوا، حضرت آدم عليه السلام جي کاٻي پاسيري مان ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام بغير پيءُ جي پيدا ٿيو.

جڏهن بي بي مريم کي ملائڪ پٽ ڄمڻ جي خوشخبري ڏني ته هوءَ حيرت ۾ پئجي وئي ۽ چيائين ته مونکي ڪنهن به ماڻهو هٿ نه لاتو آهي، مونکي پٽ ڪيئن ٿيندو؟

﴿قالت انيٰ يكون لي غلام ولم يمسسني بشر ولم اک بغيا﴾ (7)

**ترجمو:** *بي بي مريم فرمايو ته اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو مونکي پٽ ٿئي، جڏهن ته مونکي ڪنهن به مرد هٿ نه لاتو آهي ۽ نه ٿي آءُ بدچال آهيان.*

الله تعاليٰ ڪيس فرمايو ته اهو منهنجو اختيار آهي.

جڏهن بي بي مريم کي حضرت عيسيٰ عليه السلام ڄايو ته هوءَ کيس ماڻهن ڏانهن کڻي آئي.

عوام الناس جڏهن ڪنواري عورت (بي بي مريم) کي ٻار ڏٺو ته کيس چيائون، بي بي مريم! تنهنجو پيءُ ۽ ماءُ ڪهڙا نه چڱا ماڻهو هئا، تو هي ڇا ڪيو!

بي بي صاحبه کين چيو ته ان جو جواب توهان کي هيءُ ٻار ڏيندو.

ماڻهن چيو، هيءُ ٻار پينگهي ۾ ستل ڪيئن جواب ڏيندو؟

ان وقت حضرت عيسيٰ عليه السلام امڙ جو کير پيئڻ ڇڏي ڪري ماڻهن سان ڳالهائڻ لڳو ۽ چيائين آءُ، الله جو ٻانهو ۽ پيغمبر آهيان، مونکي الله باري تعاليٰ ٻاران ڪتاب ملندو.

ڄمڻ واري ڏينهن عيسيٰ عليه السلام ڳالهائي پنهنجي امڙ مٿان لڳندڙ تهمت کي هميشه لاءِ ختم ڪيو.

انهيءَ واقعي جو قرآن مجيد ۾ هن طرح ذڪر آيل آهي.

**﴿فاتت به قومها تحمله، قالوا يامريم لقد جئت شيئا فريا، يا اخت هارون ماكان ابوک امرا سوءٍ وماكانت امک بغيا،**

**فاشارت اليه. قالوا كيف نكلم من كان في المهد صبيا. قال اني عبدالله ءاتاني الكتاب وجعلني نبيا﴾ (8)**

**ترجمو:** *پوءِ هوءِ پنهنجي پٽ کي پاڻ سان کڻي پنهنجي ماڻهن وٽ آئي، ۽ پٽ سندس هنج ۾ هو. ماڻهن (ڏسندي ئي) چئي ڏنو ته اي مريم تو ته تمام حيران ڪندڙ ڳالهه ڪري ڏيکاري آهي. اي هارون جي ڀيڻ! نڪي تنهنجو پيءُ خراب ماڻهو هو نڪي تنهنجي ماءُ بدچال هئي. تنهن تي حضرت مريم پنهنجي پٽ ڏي اشارو ڪيو (ته هي اوهانکي حقيقت ٻڌائيندو) ماڻهن چيو ته ڀلا هن سان اسان ڪيئن ڳالهايون جو اڃا هنج ۾ وهندڙ ٻار آهي. (مگر) هن چئي ڏنو ته مان الله جو ٻانهو آهيان. هن مونکي ڪتاب ڏنو آهي، ۽ نبي بنايو اٿس.*

## معراج جو سفر

سن 12 نبوي (هجرت کان هڪ سال پهريون) نبي ڪريم ﷺ، الله تعاليٰ جي موڪليل سواري براق تي چڙهي بيت الله کان بيت المقدس ويا. جتي سيني انبيائن جي امامت ڪيائون. پوءِ بيت المقدس کان ستن ئي آسمانن کان مٿي سدرة المنتهيٰ ويا جتي الله تعاليٰ جي تجلي کي پسيا ۽ اُن سان هم ڪلام ٿيا.

نبي ڪريم ﷺ کان پهريون حضرت موسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي تجلي طورسينا جبل تي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته پٺي ڀر ڪري پيا ۽ الاهي تجلي نه ڏسي سگهيا.

**﴿وخر موسيٰ صعقا﴾ (9)**

**ترجمو:** حضرت موسيٰ بيهوش ٿي ڪري پيو.

جڏهن نبي ڪريم ﷺ معراج واري واقعي جي ڳالهه ڪئي ته ماڻهن انکي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته بيت الله کان بيت المقدس ڪيترن ڏينهن جو سفر آهي ۽ پوءِ وري آسمان کان مٿي وڃڻ ڪيئن ممڪن آهي! پر موجوده دور ۾ سائنس انهن ٻنهي ڳالهين کي آسان بڻائي ڇڏيو آهي.

اڄ جي دور ۾ بيت الله کان بيت المقدس جو سفر ڏينهن ۽ ڪلاڪن کان گهٽجي منٽن تي وڃي پهتو آهي ۽ آسمان ۾ ماڻهن جو وڃڻ ۽ فضا ۾ خلائي اسٽيشنون قائم ڪرڻ به ثابت ٿي چڪو آهي.

هاڻي جڏهن ماڻهو جا ٺاهيل جهاز وغيره ڏينهن جو سفر منٽن ۾ ڪري سگهن ٿا ۽ سائنسدان زمين کان مٿي وڃي آسمان ۾ خلائي

استيشنون قائم ڪري سگهن ٿا ته پوءِ الله باري تعاليٰ جي ناهيل سوارين لاءِ اهو پنڌ ۽ رسول الله ﷺ جو الله جي حڪم سان مٿي وڃڻ ڪيئن ناممڪن آهي؟

الله تعاليٰ معراج جي واقعي کي قرآن ڪريم ۾ هن طرح آندو آهي.

﴿سبحان الذي اسريٰ بعبده ليلا من المسجد الحرام الي المسجد الاقصا﴾ (10)

**ترجمو:** *پاڪائي آهي انهيءَ (الله) جي لاءِ جنهن پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ) کي راتو رات مسجد الحرام کان مسجد الاقصيٰ تائين سير ڪرايو.*

معراج جي واقعي جو ذڪر سورت بني اسرائيل سان گڏ سورت نجم جي آيتن ۾ به آيل آهي.

## ڏينهن ۽ رات جو مقرر وقت تي شروع ٿيڻ

الله تعاليٰ ڏينهن ۽ رات جو نظام رکيو آهي. جيڪڏهن مسلسل ڏينهن هجي ها ته دنيا باه جو گولو بڻجي پوي ها ۽ جيڪڏهن مسلسل رات هجي ها ته لڳاتار اونده ڪري پوري زمين برف ٿي پوي ها. مٿا سٽا جي احسان کي الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ هن طرح آندو آهي.

﴿تولج اليل في النهار وتولج النهار في اليل﴾ (11)

**ترجمو:** *تون ئي رات کي ڏينهن ۾ گهر ڪرين ۽ ڏينهن کي رات ۾.*

اونهاري جي موسم ۾ ڏينهن وڏو ۽ رات ننڍي ٿئي ٿي جڏهن ته سياري ۾ وري رات وڏي ۽ ڏينهن ننڍو ٿئي ٿو.

الله باري تعاليٰ پاران رات ڏينهن جي شروع ٿيڻ جو وقت موسم جي حساب سان مقرر آهي، جنهن ۾ ڪوبه تبديلي نه ٿو ڪري سگهي.

جيڪڏهن پهرين جنوري تي سج وقت تي اڀرڻو ۽ تائيم تي لهڻو آهي ته دنيا جا مڙيئي سائنسدان ۽ ڏاها گڏجي به ان ۾ منٽ اڌ جي به تبديلي نه ٿا ڪري سگهن.

## آسمان جو بغير ٿنين ٿوڻين جي بيهارڻ

الله تعاليٰ ستن آسمانن ۽ زمينن کي پيدا ڪيو.

آسمان ڇت وانگر آهي جيڪو بغير ٿنين ۽ ٿوڻين جي بيٺو آهي.

سيئي ماڻهو عام توڙي سائنسدان گڏجي ڪري آسمان جي ڪنهن حصي پٽي جيتري به ڇت نه ٿا ناهي سگهن.

## ذبح ڪيل پکيءَ جو وري جيئرو ٿيڻ

الله تعاليٰ مئل کي جيئرو ڪري ٿو ان ڳالهه تي حضرت ابراهيم عليه السلام کي پورو يقين هو پر هو لاشن جي حصن ڪندري وڃڻ بعد انجي پيدا ٿيڻ کي اکين سان ڏسڻ چاهي پيو.

حضرت ابراهيم عليه السلام. الله تعاليٰ کان مئل کي جيئري ڪرڻ واري اهڙي مشاهدي جو مطالبو ڪيو. ته الله تعاليٰ کيس حڪم ڪيو ته چار پکي (مور، ڪبوتر، ڪڪڙ ۽ ڪانو) پالي انهن کي پاڻ سان هير پوءِ کهي انهن جو قيمو بڻاءِ.

پوءِ انهيءَ قيمي کي ملائي چار حصا ڪر ۽ جبل جي چئن پاسن تي چئني قيمي جي حصن کي رک ۽ پوءِ انهن پکين کي پاڻ ڏانهن سڏ.

جڏهن ابراهيم عليه السلام چارئي پکي ونئي پاليا ۽ پوءِ انهن جو قيمو بڻائي جبل جي چئن حصن تي رکي کين سڏيو ته اهي جيئرا ٿي اڏرندا ۽ پهچندا ابراهيم عليه السلام ڏانهن آيا.

انهيءَ عجيب واقعي کي الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ هن طرح آندو آهي:

﴿واذ قال ابراهيم رب ارني كيف تحي الموتيٰ، قال اولم تومن، قال بليٰ ولاكن ليطمئن قلبي، قال فخذ اربعه من الطير، فصرهن اليک ثم اجعل عليٰ كل جبل منهن جزءا ثم ادعهن ياتينک سعيا واعلم ان الله عزيز حكيم﴾ (15)

**ترجمو:** *۽ وري ڏسو جڏهن حضرت ابراهيم چيو ته اي منهنجا رب مونکي ڏيکار ته ڪهڙيءَ طرح تون مئلن کي زنده تو ڪرين، تڏهن الله تعاليٰ فرمايو ته توکي ان جو يقين ناهي ڇا؟ هن عرض ڪيو ته يقين ته آهي پر هي انهيءَ لاءِ عرض ٿو ڪيان ته منهنجي دل کي آرام اچي. الله تعاليٰ جو حڪم ٿيو ته هيئن ڪر جو پکين مان ڪي به چار پکي هٿ ڪر پوءِ انهنکي پاڻ وٽ رکي پاڻ سان هيرائي ڇڏ. پوءِ انهن (ذبح ڪيل پکين جي قيمي ڪيل گڏيل گوشت) مان هڪ هڪ حصو جدا جدا جبلن جي چوٽين تي رک ۽ پوءِ هنن کي سڏ ڪر هو تنهنجي طرف اڏامي ايندا. ۽ يقين ڪر ته بيشڪ الله تعاليٰ وڏي شان ۽ طاقت وارو ۽ وڏي حڪمت ڪندڙ آهي.*

## لٺ هڻڻ سان ٻارهن چشمن جو ڦٽڻ

بني اسرائيل وارن حضرت موسيٰ عليه السلام کان وادي "تيه" ۾ پاڻي جو مطالبو ڪيو.

الله تعاليٰ کيس حڪم ڪيو ته لٺ کي جبل تي هڻ. جڏهن لٺ هنيائين ته ٻارهن چشما ڦٽي نڪتا. جنهن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هن طرح آيو آهي:

﴿واذ استسقيٰ موسيٰ لقومه فقلنا اضرب بعصاک الحجر فانفجرت منه اثنتا عشره عينا﴾ (16)

**ترجمو:** *۽ اهو واقعو به ياد ڪيو جو جڏهن حضرت موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻي جي واسطي دعا گهري تڏهن اسان کيس حڪم ڪيو ته پنهنجي لٺ سان پهاڙ جي ڇپ کي ڌڪ هڻ ته ان ڇپ منجهان ٻارهن چشما ڦاٽي نڪتا.*

ٻارهن چشمن ڦٽڻ جو سبب هيءُ ٻڌيو جو حضرت يعقوب عليه السلام جنهن کي اسرائيل به چئبو آهي کي ٻارهن پٽ هئا ۽ بني اسرائيل يعني اسرائيل جي اولاد مان ٻارهن نسل ٿيا ان ڪري ٻارهن چشما ڦٽايا ويا.

لٺ هڻڻ سان پاڻيءَ جي ٻارهن چشمن جو ڦٽڻ قرآن جي عجائبات مان آهي، اهو واقعو ٻارهن چشمن جي حڪمت ۽ پاڻيءَ جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿو.

## قابيل جي سمجهاڻيءَ لاءِ ڪانوَ جو زمين کي کوٽڻ

حضرت آدم عليه السلام ۽ بي بي حوا کي هر حمل سان ڌيءَ ۽ پٽ ڄمندا هئا. انساني نسل جي واڌاري جي ضرورت جي پيش نظر انجي شريعت (طريقي) ۾ هڪ حمل واري ڇوڪريءَ جو ٻئي حمل واري ڇوڪري سان شاديءَ کي روا رکيو ويو هو.

قابيل سان جيڪا گڏ پيڻ ڄائي هئي سا ڏاڍي خوبصورت هئي ۽ هابيل سان گڏ جيڪا ڀيڻ پيدا ٿئي هئي سا مهاندن ۾ ڪجهه ڪسي هئي.

قابيل کي دل ۾ اچي کوٽ ويٺو. هن پنهنجي سڳي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪري ڇڏيو.

ڀاءُ کي قتل ڪرڻ بعد سندس لاش کي ڪلهي تي کڻي ڦيرائيندو

## ڪول جو ڳالهائڻ

الله تعاليٰ حضرت دائود عليه السلام ۽ سندس فرزند حضرت سليمان عليه السلام کي پکين ۽ جيتامڙن جي ٻولي سمجهڻ جي سگهه عطا ڪئي هئي.

جڏهن حضرت سليمان عليه السلام جو لشڪر وادي نمل مان گذرڻ وارو ٿيو ته ڪولين مان هڪ سمجهدار ڪول ٻين کي چيو هلو ته يڪدم پنهنجي ٻرن ۾ هلون. هتان حضرت سليمان جو لشڪر گذرڻ وارو آهي. جيڪو بيخبري ۾ اسانکي ڳاهي ماري ڇڏيندو.

حضرت سليمان عليه السلام ڪولن جي اهڙي ڳالهه تي کلي ڏنو.

الله تعاليٰ انهيءَ واقعي کي سورت نمل ۾ هن طرح آندو آهي.

﴿قالت نمله يا ايها النمل ادخلوا مساكنكم لايحطمنكم سليمان وجنوده وهم لايشعرون. فتبسم ضاحكا من قولها﴾ (20)

**ترجمو:** *هڪڙي ڪول (واڪو ڪري) چيو ته اي ڪوليون! پنهنجي گهرن يا ٻرن ۾ گهڙي وڃو. متان حضرت سليمان ۽ سندس لشڪر بيخبريءَ ۾ اوهانکي لتاڙي چيٿاڙي ماري ڇڏين. انهيءَ ڳالهه تي حضرت سليمان مرڪي کلي ويٺو.*

## انسانن جو بچڙن ڪمن ڪري ڀولو ۽ باندر بڻجڻ

اڳين قومن ۾ جيڪي ماڻهو الله جي نافرماني ۾ سيئي حدون لنگهي ويندا هئا. انهن کي الله تعاليٰ ڀولا ۽ باندر بڻائي ماڻهن لاءِ عبرت بڻائيندو هو.

الله تعاليٰ ٻوين امتن تي خاص مهرباني فرمائي ۽ ماڻهن جون اجتماعي شڪليون تبديل ٿيڻ بند ٿي ويون.

جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نافرماني ڪري ڀولا ۽ باندر بڻجي، ويا انهن جو ذڪر قرآن مجيد جي هيٺين آيتن ۾ آيو آهي.

﴿فلما عتوا عن مانهوا عنه قلنا لهم كونوا قرده خاسئين﴾ (21)

**ترجمو:** *پوءِ جڏهن هو (ماڻهو) نافرماني ۾ حد کان وڌي ويا. جنهن کان انهن کي روڪيو ويو هو. تڏهن اسان کين چيو ته باندر ٿي پئو ذليل ۽ خوار.*

﴿وجعل منهم القرده والخنازير﴾ (22)

**ترجمو:** *۽ بڻايو سي اسان انهن (نافرمانن) مان ڀولا باندر ۽ سوئر.*

ڪي جوان هڪ غار ۾ وڃي ويٺا ته ... ٻنهي دعا ڪئي ته اي اسان جا پروردگار پنهنجي طرفان اسان تي رحمت نازل ڪر ۽ اسان جي ڪم لاءِ ڪاميابيءَ جا اسباب پيدا ڪري ڇڏ. پوءِ غار ۾ ڪيترن ئي سالن تائين اسان هنن جا ڪن (دنيا جي طرف ڪن) بند ڪري ڇڏيا. پوءِ اسان هنن کي اٿاري ڪڙو ڪيو انهيءَ لاءِ ته معلوم ٿي وڃي ته ٻنهي جماعتن مان ڪهڙي اهي جا گذريل مدت جو اندازو بهتر طريقي سان لڳائي سگهي.

# حوالا:


(1) سورت شعراء آيت 118، 119، 120
(2) سورت هود آيت 40
(3) سورت يونس آيت 98
(4) سورت صافات آيت 141
(5) سورت صافات آيت 145، 146
(6) سورت بقره آيت 49، 50
(7) سورت مريم آيت 20
(8) سورت مريم آيت 27، 28، 29، 30
(9) سورت اعراف آيت 143
(10) سورت بني اسرائيل آيت 1
(11) سورت آل عمران آيت 27
(12) سورت رعد آيت 2
(13) سورت بقره آيت 258
(14) سورت بقره آيت 67، 73
(15) سورت بقره آيت 260
(16) سورت بقره آيت 60
(17) سورت مائده آيت 30 - 31
(18) سورت انبياء آيت 69
(19) سورت اعراف آيت 73
(20) سورت نمل آيت 18، 19
(21) سورت اعراف آيت 166
(22) سورت مائده آيت 60
(23) سورت ڪهف آيت 9، 10، 11، 12

# علامه شبير احمد عثماني جون قرآني خدمات

زرينه قاضي

گورنمنٽ گرلز هاءِ سيڪنڊري اسڪول پنوعاقل.

ماڻهون سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نه هنج،

ڪنهن ڪنهن ماڻهون منجهه اچي بوءِ بهار جي.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي)

الحمدالله جو مون کي اها سعادت حاصل ٿي جو مان هڪ جليل القدر مفسر جي قرآني خدمات تي مقالو لکي رهي آهيان. منهنجي قلم کي ايتري طاقت تہ نہ آهي جو مان انهن جي باري ۾ ڪجهه لکي سگهان پر هڪ ننڍڙي ڪوشش ضرور ڪندس، تہ انهن جي قرآني خدمات تي مختصر لکي سگهان.

الله تعالى ڪجهه ماڻهن کي اهڙي وقت ۾ دنيا ۾ موڪليندو آهي جڏهن امت مسلمہ ۾ ڪائي ڪمي ايندي آهي. مان سمجهان ٿي تہ شيخ السلام علامہ شبير احمد عثماني بہ انهن ماڻهن مان هئا. حضرت علامہ جن کي الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان عبماءِ زمان، محقق دوران ۽ دنيا ۽ اسلام جو روشن آفتاب بڻايو. انهن جي بيمثال ذڪاوت بيمثال خطاب، عجيب ۽ غريب حافظو اهڙيون خوبيون آهن جن کان ڪوئي بہ انڪار نٿو ڪري سگهي.(١)

علامہ عثماني جي ذات اسان لاءِ هڪ تمام وڏي نعمت هئي. انهن جي علمي ڪارنامن ۾ مقالا، خطبا ۽ مضمونن کان علاوه بہ اهڙا ڪاناما آهن جن کان منهن ڦيري نہ ٿو ڪري سگهجي. هڪ تہ «قرآن مجيد جا حاشيه» جيڪي شيخ الهند جي ترجمي تي آهن جن جي باري ۾ علامہ انورشاهه فرمائن ٿا:

تہ علامہ شبير احمد عثماني جن تفسير عثماني لکي ڪري اسلامي دنيا تي تمام وڏو احسان ڪيو آهي

ٻيو احسان اهو آهي جو انهن مسلم شريف جو عربي ۾ حنفي نقطہ نظر سان هڪ شرح لکيو جنهن جو نالو فتح الملهم آهي جنهن ۾ بي بها معلومات آهي جنهن کي

دارالتصنيف وارا ڇپرائيندا آهن ان جو عڪس آهي.

ان کان علاوه تمام خوبصورت مضبوط ۽ اعليٰ قسم جي بائيڊنگ آهي هي جلد ۸۱۰ صفحن تي مشتمل آهي آخر ۾ رموز و اوقاف ۽ تفسير جو مقدمو آهي جنهن ۾ شيخ الهند صاحب جن شاه عبدالقادر جي ترجمي جي حسن ۽ ڊپٽي نذير احمد جي ترجمي تي تنقيد ڪرڻ کان علاوه نئين سر ترجمي ڪرڻ جون وجوهات بيان ڪيون آهن.

شاه فهد قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪمپليڪس ۽ رابطه عالم اسلامي جي باهمي سهڪار سان مختلف عالمن جي ترجمي ۽ تفسيرن کي منتخب ڪري شايع ڪندا آهن، ته جيئن اسلامي دنيا جي ضرورت کي پورو ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن. قرآن ڪريم جي اردو ترجمي ۽ تفسير جي اهميت کي نظر ۾ رکندي شاه فهد ڪمپليڪس جي مرڪز مجلس شوريٰ پنهنجي خصوصي اجلاس ۾ ان جي طبع ۽ نشر جو فيصلو ڪيو.

قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪمپليڪس جيڪو اردو ترجمي ۽ تفسير جي شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهي اها اسلامي جمهوريه پاڪستان جي وزارت مذهبي امور جي طرفان صدقو آهي. جيئن علمي شخصيت حضرت مولانا ابوالحسن علي ندوي صاحب جن مترجم ۽ مفسر جي علمي عظمت جو اعتراف ڪندي ترجمي ۽ تفسير جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪئي ته هي تمام بهترين ترجمو ۽ تفسير آهي ان جي طباعت ۽ اشاعت هجڻ گهرجي.

ضروري تصيحيحات رابطه عالم اسلامي (اداره القرآن ڪريم) جي طرفان فضيله الشيخ سيد عنايت الله شاه صاحب ڪاڪاخيل جن ڪيو آهي.(۳)

**تفسير عثماني جو اهم خوبيون:**

۱۔ علامه جن تفسير ۾ ڀريون قرآن کي بيان ڪيو آهي انکان پوءِ ان جي تائيد ۾ احاديث کان استدلال ڪيو اٿن ۽ انکان پوءِ عقلي ۽ نقلي دليلن جي روشني ۾ مسئلن جي تحقيق ڪئي اٿون جيئن مسئله روح، واقعه معراج ۽ ياجوج ۽ ماجوج جهڙا مسئلا آهن.

۲۔ ڪوڙن عقيدن ۽ تفسير ۾ اسرائيلي روايتن کي رد ڪيو اٿن. آيت وما قتلو وما صلبوه جي بيان ۾ رفع عيسيٰ کي ثابت ڪيو اٿون تفسير ڪرڻ ۾ اهم تفاسير

36. Asqalani, Ibne-Hajr, al-Fathel Bari, Theqiq Muhibuddin, al Khateeb Darur Riyan litrath al Qahirah, 1407 H, Vol/12-6871 and Sahih Muslim Hadith #88.

37. Asqalani, Ibne-Hajr, al-Fathel Bari, Vol/12-6872 and Sahih Muslim Hadith #96.

38. Asqalani, Ibne-Hajr, Vol/13-7076 and Sahih Muslim Hadith #64, Nisai-7/81 and Jame al usool-10/208.

39. I Nisai-7/82 and Jame al Usool-10/208

40. Asqalani, Ibne-Hajr, al-Fathel Bari, Vol/12-6875 and Sahih Muslim Hadith #1888.

41. Asqalani, Ibne-Hajr, al-Fathel Bari, Vol/12-6914

42. Asqalani, Ibne-Hajr, al-Fathel Bari, Vol/12-6882

43. Al Qushairi Muslim bin Hujaj, Sahahi Muslim Hadith #2564

44. Asqalani, Ibne-Hajr, al-Fathel Bari, Vol/12-6874 and Sahih Muslim Hadith #98.

the Lord of the alamin (Mankind, Jinn and all that exists)] [5:29 Verily, I intend to let you draw my sin on yourself as well as yours, then you will one of the dwellers of the Fire; and that is the recompense of the Zalimum (wrong doers)].

33. Chapter al Maidah 5:32 [Because of that, We ordained for the Children of Israel that if anyone killed a person not in retaliation of murder, or to spread mischief in the land - it would be as if he killed all mankind, and if anyone saved a life, it would be as if he saved the life of all mankind. And indeed, there came to them Our Messengers with clear proofs, evidences, and signs, even then after that many of them continued to exceed the limits(e.g., by doing oppression unjustly and exceeding beyond the limits set by allah by committing the major sins) in the land].

34. In Chapter al Baqarah, allah Taala addresses to them (فا قتلوا انفسكم) it means kill to each other.

35. Muhammad Hamidullah, Dr. Khutabat-e-Bahawalpuldar Theqiqat-e-Islami, Islamabad, 1992/P-238.